# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2001

# سنڌ مالياتي قانون (ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH FINANCIAL LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of W.P Act V of 1958

3. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of schedule of W.P Act XXXII of 1958

4. 1990 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعات 8 ۽ 9 کي ختم ڪرڻ

Omission of section 8 and 9 of Sindh Act IV of 1990

5. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 7 کي ختم ڪرڻ

Omission of section 7 of Sindh Act XIII of 1994

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2001

# سنڌ مالياتي قانون (ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH FINANCIAL LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[27 جنوري 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ فيس کي معقول بڻايو ۽ ختم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته صوبي سنڌ ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ فيس کي معقول بڻائڻ ۽ ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 تحت معطل آهي؛

۽ جيئن ته گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مالياتي قانون (ترميم)

آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

**شروعات**
Short title and commencement

**1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 4 جي ترميم**
Amendment of section 4 of W.P Act V of 1958

2. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 4 ۾:

(a) شق (c) جي ذيلي شق (i) ۾، لفظن "ڇهہ سئو" لاءِ لفظن "اٺ سئو ۽ چوهٺ" کي متبادل بڻايو ويندو.

(b) شق (g) ۾، لفظن "پنج هزار" لاءِ لفظن "ست هزار ۽ ٻہ سئو" کي متبادل بڻايو ويندو.

**1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXII جي شيڊول جي ترميم**
Amendment of schedule of W.P Act XXXII of 1958

3. سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول ۾:

(a) جريان نمبر 4 ۾ شق (iii) ڪانپوءِ، هيٺين وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"وضاحت: هن شق جي مقصد لاءِ، سيٽن جي گنجائش ۾ ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر جي سيٽ شامل نہ هوندي."

(b) جريان نمبر 5 جي آخر ۾، هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ شقن (a)، (b) ۽ (c) ۾ بيان ڪيل موٽر گاڏين تي ٽيڪس جي سلسلي ۾، سواءِ ڪمرشل گاڏين جي، گاڏين جي پهرين رجسٽريشن کان ٽيڪس جي ادائگي جي ڏهن ۽ پندرنهن سالن جي مڪمل ٿيڻ تي، ترتيبوار پنجهتر ۽ پنجاهہ سيڪڙو جي قيمت تي ٽيڪس ادا ڪئي ويندي."

**1990 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعات 8 ۽ 9 کي ختم ڪرڻ**

4. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1990 جي دفعہ 8 ۽ 9 کي ختم ڪيو ويندو.

Omission of section 8 and 9 of Sindh Act IV of 1990

سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 7 کي ختم ڪرڻ 1994 جي

Omission of section 7 of Sindh Act XIII of 1994

5. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 جي دفعہ 7 کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**